رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ

# فیضان غوث الاعظم

19-November-2018



اجتماعِ غوثیہ جو بیان 1440ھ

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فيضان غوث الاعظم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. "فتاويٰ شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُ الله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضرت سَيدُنا عبدُالعزيز دَبّاغ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ نبي اڪرم، نورِ مُجسّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرودِ پاڪ پڙهڻ سيني عملن کان اَفضل عمل آهي، هي انهن ملائڪن جو ذِڪر آهي، جيڪي اَطرافِ جنّت ۾ رهن ٿا ۽ جڏهن اهي نبي ڪريم، رؤفٌ رّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذاتِ گرامي تي دُرودِ پاڪ پڙهندا آهن تہ ان جي بَرَڪت سان جنّت ڪشاده ٿي ويندي آهي.

(الابريز،الباب الحادي عشر في الجنة،باب في زيادة الجنة...الخ، ٢/٣٣٨)

جائیں نہ جب تک غُلام خُلد ہے سب پر حرام

مِلک تو ہے آپ کا تم پہ کروروں دُرُود

**مختصر وضاحت**: يعني اي جنّت جا مالڪ پيارا نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان جو ڪيڏو اعلي شان آهي جو جيستائين اوهان جي اُمّت جنّت ۾ نہ ويندي، ان وقت تائين ڪو بہ جنّت ۾ داخل نہ ٿي سگهندو، جنّت تہ اوهان جي مِلڪيت آهي پوءِ اوهان جي اجازت جي بغير ڪو بہ ڪيئن وڃي سگهي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ **يعني** مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ماه رَبِيعُ الآخر، ماه فاخِر، ماه عبدالقادِر جاري آهي ۽ اڄ يارهين جي رات آهي، جنهن کي عاشقانِ غوثِ اعظم وڏي

**يارهين شريف** بہ چوندا آهن، هن تاريخ تي سڄي دنيا ۾ عاشقانِ غوث و رضا، محبُوبِ سُبحاني، قُطبِ ربّاني، غوثِ صَمداني، قِنديلِ نُوراني، شهبازِ لامڪاني حضرتِ سَيدُنا شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو عُرس مبارڪ نهايت ئي عقيدت ۽ وڏي اِهتمام سان ملهائيندا آهن. سڄي دُنيا ۾ عاشقانِ رسول مختلف انداز سان **غوثِ پاڪ** رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي **اِيصال ثواب جو اِهتمام ڪندا** آهن، **ڪٿي اِجتماعن** جو اِنعقاد ڪيو ويندو آهي تہ ڪٿي **قرآن خواني** جو سلسلو ٿيندو آهي، ڪٿي **مدني مذاڪرن** جي ذريعي عاشقانِ غوثِ اعظم گڏ ٿيندا آهن تہ ڪٿي **نفل روزا** رکي **اِيصالِ ثواب** ڪيو ويندو آهي. ڪٿي غوثِ پاڪ جي اِيصالِ ثواب جي لاءِ **رسالا ورهائڻ** جي ترڪيب ٿيندي آهي تہ ڪٿي اجتماعن ۾ **لنگرِ غوثيہ** جو اِهتمام ڪيو ويندو آهي.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول تحت سڄي دُنيا ۾ هن وڏي رات جو **اجتماعِ غوثيہ** جو اِهتمام ڪيو ويندو آهي، انهيءَ مُناسَبت سان اسان اڄ سَرزمينِ بَغدَاد تي پنهنجي مَزارِ پُرانوَار ۾ آرام ڪندڙ ان مُقَدَّس هسْتِي جو ذِڪرِ خَير ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. اڄ جي بيان ۾ حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي پاڪيزه ننڍپڻ جا ڪجھ واقعا بيان ڪرڻ سان گڏوگڏ سندن ولادت بابت پهريان ڪان ڏنل خوشخبريون بہ بيان ڪيون وينديون، هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه مادر زاد (يعني پيدائشي) ولي هئا، پر سندن ڪي پنهنجي ولايت جو علم ڪڏهن ٿيو اهو بہ ٻڌنداسين. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي سيرت جا مختلف واقعا ٻڌڻ سان گڏ سندن **علمي مقام** بابت ملڻ وارا مدني گل بہ حاصل ڪنداسين. اهڙي طرح دِيني طالب علمن (Students) سان سندن رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي محبت ۽ اُلفت ۽ خيرخواهي ۽ شفقت بابت ڪجھ واقعا بہ بيان ڪيا ويندا. يقيناً هڪ سچو پير انسان جو حقيقي رهنما هوندو آهي ۽ جيڪو فيض انسان پنهنجي پير کان حاصل ڪري سگهي ٿو اهو شايد ڪنهن بئي وٽان ملڻ ممڪن ناهي هوندو، ان ڪري غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي ڪجھ اِرشادن مان بہ اسان رهنمائي وٺنداسين. ان سان گڏوگڏ غوثِ پاڪ جو مُريد

تيڻ جا فائدا بہ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. ضمناً ڪيئي ٻيا بہ مدني گل بيان ڪيا ويندا.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سرڪارِ غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اهڙي پاڪيزه ۽ بَرگُزِيدَه شَخصيت آهن جو خُود سَيدُالانبياء، حضرت محمد مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ ٻين نبين سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام ۽ مُختَلِف ولين سڳورن رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام وِلادَت کان پهريان سندن وِلايت جون بِشارتون ڏنيون آهن. جيئن مڪتبۃُ المدينہ جي ڪتاب ”غوثِ پاڪ ڪے حالات“ ۾ آهي.

**(١) سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بِشارت**

محبوبِ سُبحَاني، شيخ عبدُالقادر جِيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي والدِ ماجد حضرت سَيد ابُو صالح مُوسيٰ جنگي دوست رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه حُضُور غوثِ اَعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي وِلادَت جي رات مُشَاهدو ڪيو تہ سَروَرِ ڪائنات، فَخرِ مَوجُودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام ۽ اَولياءِ عِظام رِضْوَانُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن سان گڏ سندن گهر جَلوه اَفروز ٿيا ۽ اُنهن ڪي مبارڪ لفظن سان مخاطب ڪري هن بِشارت سان نوازيو: اي ابُو صالح! الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي اهڙو فَرزَند (پٽ) عطا فرمايو آهي، جيڪو وَلي آهي ۽ اهو منهنجو ۽ الله پاڪ جو مَحبُوب آهي ۽ ان جو شان اَولياء ۽ قطبن ۾ اهڙو ئي هوندو، جهڙو اَنبياء ۽ مُرسَلين عَلَيْهِمُ السَّلَام ۾ منهنجو شان آهي. (سيرتِ غوث الثقلين، ص٥٥ بحواله تفريح الخاطر)

جسے خَلق کہتی ہے پیارا خُدا کا
اُسی کا ہے تُو لاڈلا غوثِ اعظم
(ذوق نعت،١٨١)

**(٢) اَنبياء ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جون بِشارتون**

حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي والد صاحب کي نبي ڪريم، رؤف و رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان عِلاوه سيني نبين سڳورن عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بہ هي بِشارت ڏني تہ تمام اَولياءالله توهان جي فَرزَند جا فرمانبردار ٿيندا ۽ انهن جي گردنن تي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو مُبارَڪ قدم هوندو. (سيرتِ غوث الثقلين، ص٥٥بحواله تفريح الخاطر)

جس کی مِنبر بنی گردنِ اَوْلیاء
اُس قَدم کی کَرامت پہ لاکھوں

**مختصر وضاحت:** سرڪار غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جي قدم جي شان ۽ عظمت تي لکين سلام! جيڪي اَولياءِ ڪرام جي گردنن جي زِينت بڻيا ۽ اَولياءِ ڪرام جا ڪنڌ ان قدم جي لاءِ منبر بڻيا.

## (٣) حضرت حَسَن بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جي بِشارت

غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه کان پهريان جي ولين سڳورن رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام مان ڪيترن ئي سندن آمد جي بِشارت ڏني. جيئن حضرتِ سَيدُنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه پنهنجي مُبَارَڪ زماني کان وٺي حضرت شيخ مُحيِ الدّين سَيد عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جي مُبَارَڪ زماني تائين تفصيل سان خبر ڏنائون تہ جيترا بہ الله پاڪ جا ولي گذريا آهن، سيني شيخ عبدُالقادرجيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه (جي اچڻ) جي خبر ڏني آهي. (سيرت غوث الثقلين،ص٥٨)۔ (غوثِ پاڪ ڪے حالات،ص٢١)

اهڙي طرح حضرت سَيدُنا شيخ ابُوبڪر بن هُوار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه هڪ ڏينهن پنهنجي مُريدن کي فرمايائون: عنقريب عِراق ۾ هڪ عَجَمِي شخص جيڪو الله پاڪ ۽ ماڻهن وٽ وڏي رتبي وارو هوندو، ان جو نالو عبدُالقادر هوندو ۽ بَغداد شريف ۾ رهائش اِختيار ڪندو، قَدَمِي هٰذِهٖ عَلٰى رَقَبَةِ كُلِّ وَلِيِّ الله (يعني منهنجو هي قدم هر وَلي جي ڪنڌ تي آهي) جو اِعلان فرمائيندو ۽ زماني جا سمورا ولي سڳورا رَحِمَهُمُ اللهُ عَلَيهِمْ اَجْمَعِين ان جا فرمانبردار تيندا.

(بهجةالاسرار،ذڪراخبارالمشايخ عنه بذالڪ، ص١٤) (غوثِ پاڪ ڪے حالات، ص٢٣)

جو وَلی قَبْل تھے یا بعد ہوئے یا ہوں گے
سب اَدَب رکھتے ہیں دِل میں مرے آقا تیرا

(حدائقِ بخشش، ص ٢٣)

**مختصر وضاحت:** حضورغوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو شان ۽ عظمت هي آهي تہ جيڪي سندن کان پهريان ولي گذريا آهن يا سندن کان بعد قيامت تائين جيڪي ولي ٿيندا، سيئي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ادب ۽ احترام پنهنجي دل ۾ رکن ٿا.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پِيرن جا پِير، روشن ضمير شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مادَرزاد (يعني پيدائشي) وَلي هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اڃان پنهنجي امڙ جي پيٽ ۾ هئا ۽ امڙسائڻ کي جڏهن نِڇ ايندي هئي ۽ ان تي اَلْحَمْدُ لِلّٰه چونديون هيون، تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پيٽ ئي مان جواب ۾ يَرْحَمُكَ الله چوندا هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پهرين رَمَضَانُ الْمُبارَڪ صبحِ صادِق جي وَقت دُنيا ۾ جَلوه گر ٿيا، ان وَقت سندن جا چپ مبارڪ آهستي آهستي چُري رهيا هئا ۽ الله الله جو آواز اچي رهيو هو. (مني جو لاش ، ص۴-۵)

رونقِ کل اولیا یاغوثِ اعظم دستگیر
پیشوائے اَصفیا یاغوثِ اعظم دستگیر
آپ ہیں پیروں کے پیراورآپ ہیں روشن ضمیر
آپ شاہِ اَتقیا یاغوثِ اعظم دستگیر
پیدا ہوتے ہی رکھے رَمضاں میں روزے، دن میں دودھ
کا نہ اک قطرہ پیا یاغوثِ اعظم دستگیر

(وسائلِ بخشش ، ص۵۴۷)

اللہ کی رحمت غوثِ پاک ہیں باعثِ برکت غوثِ پاک
ہیں صاحبِ عزّت غوثِ پاک ہیں بحرِ سخاوت، غوثِ پاک
دریائے کرامت، غوثِ پاک فرماؤ حمایت غوثِ پاک

ٹل جائے مصیبت، غوثِ پاک　　سرتاپا شرافت　　غوثِ پاک

♣مرحبا یا غوثِ پاک♣مرحبا یا غوثِ پاک♣مرحبا یا غوثِ پاک

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## راند روند کان بي رغبتي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو وڃي ته ننڍپڻ ۾ عام طور ٻار راند روند ڏانهن راغِب ٿيندا آهن ۽ پڙهائي کان پري ڀڄندا آهن جڏهن ته اسان جي غوثِ پاڪ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جو شان ته ڏسو جو ننڍپڻ کان ئي سندن کي راند روند کان ڪا رَغبَت نه هئي، نِهايت صاف سُٿرا رهندا هئا ۽ زبانِ مبارڪ مان ڪڏهن به ڪا ڪم عَقلي جي ڳالهه نه نڪرندي هئي، پنهنجي ننڍپڻ بابت پاڻ اِرشاد فرمائن ٿا ته عُمر جي اِبْتدائي دَور ۾ جڏهن به مان ڇوڪرن سان گڏ کيڏڻ چاهيندو هئس ته غيب مان آواز ايندو هو ته "لَهو ولَعِب (راند روند) کان پاسو ڪريو" جنهن کي ٻڌي مان رڪجي ويندو هئس ۽ پنهنجي آس پاس نظر ڪندو هئس ته مون کي ڪو ڇوڻ وارو نظر نه ايندو هو، جنهن سبب مون کي خوف محسوس ٿيندو هو، مان جلدي ڊڪندو گهر ايندو هئس ۽ والده مُحترم جي آغوشِ مَحَبَّت(هنج) ۾ لڪي ويندو هئس، هاڻي اهو ئي آواز مان پنهنجي اڪيلائپ ۾ ٻڌندو آهيان، جيڪڏهن مون کي ننڊ ايندي آهي ته يڪدم منهنجي ڪنن ۾ اچي مون کي خبردار ڪندي آهي ته "توهان کي ان ڪري ناهي پيدا ڪيو ويو جو توهان سُتا رهو". (بهجة الاسرار،ص۴۸)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ٻارن کي اللّٰه اللّٰه چوڻ سيکاريو

اي عاشقانِ اولياء، اي عاشقانِ غوثِ اعظم! اسان کي به گهرجي ته پنهنجن ٻارن کي بيون فُضُول ڳالهيون سيکارڻ بدران اللّٰه پاڪ ۽ ان جي

رَسُول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذِڪر سيکاريون، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن جو ٻارن تي سٺو اثر پوندو.

مشهور مُفسِّر، حڪيمُ الاُمَّت مُفْتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي ڪتاب "**اِسلامي زِندگي**" ۾ ٻارن جي پَروَرِش جو اسلامي طريقو ٻڌائيندي لکن ٿا، جنهن جو خلاصو هي آهي:

❖ جڏهن ٻار ڳالهائڻ جي لائق ٿئي ته ان کي الله پاڪ جو نالو سيکاريو، پهريان جون مائرون الله الله چئي ٻارن کي سمهارينديون هيون، پر افسوس جو هاڻي ته طرح طرح جي ميوزڪ وارا رانديڪا ٻارن وٽ رکيا ويندا آهن. ❖ جڏهن ٻار سمجهدار ٿئي، ان جي اڳيان اهڙا ڪم نه ڪيا وڃن جن سان ٻارن جي اَخلاق تي اثر پوي. ڇوته ٻار پنهنجي سامهون ٿيندڙ ڪمن جي نقل ڪندا آهن. تنهنڪري انهن جي اڳيان نماز پڙهو، قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪريو ته جيئن انهن ۾ به اهي عادتون پيدا ٿين. ❖ جڏهن ٻار ڪافي سمجهدار ٿي وڃن ته انهن کي ڪلمو، نماز، ايمانِ مُجمَل، ايمانِ مُفَصَّل ۽ وضوء غسل وغيره جا احڪام سيکاريا وڃن. (اسلامي زندگي ، ص ٣٠،ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ٻارن جي **مدني تربيت** جي لاءِ هڪ پيارو ۽ اهڙو آسان طريقو آهي جو جيڪڏهن هر گهر ۾ اهو مدني طريقو رائج ٿي وڃي، گهر جا وڏا يا سرپرست ان مدني طريقي کي نافذ ڪن ته الله پاڪ جي رحمت سان اُميد آهي ته اسان جا ٻار، ننڍڙي عمر کان ئي الله الله ڪرڻ سکي ويندا، نعتون پڙهندا، دُرودوسلام پڙهندا، اهو مدني طريقو اپنائڻ جي برڪت سان ٻارن جي مدني تربيت سان گڏوگڏ هر گهر ۾ **سُنّتن جون مدني بهارون** اچڻ شروع ٿي وينديون، هي مدني طريقو اپنائڻ جي برڪت سان **هر گهر امن جو گهوارو** بڻجي ويندو، هي مدني طريقو اپنائڻ جي برڪت سان گهر مان

بَلائون ۽ **مصيبتون** پري ٿينديون. ٿي سگهي ٿو تہ تمام عاشقانِ رسول هي سوچي رهيا هوندا تہ آخر اهو ڪهڙو مدني طريقو آهي جو جنهن کي نافذ ڪرڻ سان ايتريون ڪوڙ برڪتون نصيب ٿي سگهن ٿيون، منهنجو مشورو آهي تہ تمام اسلامي ڀائر نيت ڪن تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن مدني طريقي کي اسان بہ پنهنجي گهر ۾ نافذ ڪنداسين تہ جيئن اسان جي ٻارن جي مدني تربيت بہ ٿئي ۽ اهي شروع کان ئي الله الله ڪرڻ وارا بڻجي وڃن.

**توجهہ سان ٻُڌو** اهو مدني طريقو ڪهڙو آهي؟ جي ها! اهو مدني طريقو آهي **مدني چينل**!!! اسان مان هن وقت ڪيئي اهڙا عاشقانِ رسول هوندا جن جي گهرن ۾ مدني چينل هلڻ جي برڪت سان تمام گهڻيون برڪتون ملڻ سان گڏوگڏ انهن جي ٻارن جي مدني تربيت بہ ٿي هوندي، جنهن گهر ۾ اڃان تائين مدني چينل ناهي هليو يا ڪڏهن ڪڏهن هلندو آهي اهي گهر وارا بہ هڪ ڀيرو مدني چينل آن ڪري تہ ڏسن، هن ۾ آخر اها ڪهڙي شيءِ آهي جنهن جي برڪت سان ايتريون برڪتون ملنديون آهن، اوهان جڏهن بہ مدني چينل آن ڪندؤ يا تہ **تلاوتِ قرآن** جو آواز اچي رهيو هوندو، يا **نعتِ مصطفيٰ** جا ترانا گُونجي رهيا هوندا، ڪڏهن **حلال ۽ حرام جا مسئلا** بيان ٿي رهيا هوندا، ڪڏهن سُنّتن ڀري بيان جي ذريعي **نيڪي جي دعوت** ڏني پئي ويندي هوندي، اَلغَرَض! مدني چينل هروقت (ڏينهن هجي يا رات) اسان کي ۽ اسان جي ٻارن کي ڪا نہ ڪا نيڪي جي ڳالهہ ٻڌائيندو ۽ چڱي ڳالهہ سيکاريندو، اسان هڪ ڀيرو گهر ۾ مدني چينل آن تہ ڪيون، جيڪڏهن ڪنهن عَلائقي ۾ مدني چينل هلڻ جي حوالي سان ڪو مسئلو (Problem) هجي تہ متعلقہ شعبي جي ذميدارن سان رابطو ڪري ان جو حل بہ ڪڍي سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة ٻارن جي

مدني تربيت جي لاءِ ٻارن جون سچيون ڪهاڻيون لکيون آهن، جنهن جا نهايت ئي پيارا پيارا عنوان آهن، انداز بہ تمام آسان رکيو آهي تہ جيئن ٻار آساني سان سمجهي سگهن، گڏوگڏ جڳهہ جڳهہ خاڪا ٺاهيا ويا آهن تہ جيئن ٻارن جي لاءِ دلچسپي ٿئي، ٻارن جون اهي ڪهاڻيون مڪتبة المدينہ تان هديو ڏي وٺي سگهجن ٿيون ۽ جيڪڏهن ويب سائٽ تان پڙهڻ چاهيو تہ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هنن ڪهاڻين کي پڙهي بہ سگهو ٿا، ڊاؤن لوڊ بہ ڪري سگهو ٿا، ۽ انهن جو پرنٽ بہ ڪڍي سگهو ٿا. هنن رسالن جا نالا هي آهن (1) نور وارو چهرو (2) فرعون جو خواب (3) پٽ هجي تہ اهڙو (4) ڪوڙو چور."**اولاد جي حقن**" تي مشتمل **دلچسپ سوال جواب** بہ انهيءَ ويب سائٽ ۽ ميموري ڪارڊ (Memory Card) بنام **فيضانِ مدني مذاڪره نمبر8** تان ڏسو ۽ مدني مُنّن کي ڏيکاري سگهجن ٿا.

اي ڪاش! ٻارن کي جنن ۽ ڀوتن جون ڪهاڻيون پڙهائڻ يا ٻڌائڻ بدران اسان اهي سچيون اسلامي ڪهاڻيون پڙهايون يا ٻڌايائون، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان ڏسنداسين تہ اسان جا ٻار مدني ماحول سان وابستہ ٿيندا ويندا. اچو سيئي گڏجي بارگاهِ مُصطفيٰ ۾ **اِستغاثو** پيش ڪريون ٿا:

مرے غوث کا وسیلہ رہے شاد سب قبیلہ
اِنہیں خُلد میں بسانا مَدنی مدینے والے
مرے جس قَدَر ہیں اَحباب انہیں کردیں شاہ بیتاب
ملے عِشق کا خزانہ مَدنی مدینے والے
مری آنیوالی نسلیں ترے عشق ہی میں مچلیں
انہیں نیک تُو بنانا مَدنی مدینے والے

(وسائلِ بخشش ، ص٤٢٩)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پنهنجي ولايت جو علم هئڻ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان سرڪارِ غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي باري ۾ ٻڌي رهيا هئاسين. اچو!سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي پاڪيزه ننڍپڻ بابت ڪجهه ٻيا مدني گل حاصل ڪريون ٿا. جيئن حُضُور غوثِ اَعظَم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پاڻ فرمائن ٿا ته جڏهن مان ننڍپڻ ۾ مَدرسي ويندو هئس ته روزانو هڪ ملائڪ اِنساني شڪل ۾ مون وٽ ايندو هو ۽ مون کي مَدرسي وٺي ويندو هو، مون وٽ ويٺل رهندو هو، مان ان کي بلڪل نه سڃاڻيندو هئس ته هو ملائڪ آهي، هڪ ڏينهن مون ان کان پڇا ڪئي اوهان ڪير آهيو؟ ته ان جواب ڏنو مان ملائڪن مان هڪ ملائڪ آهيان، الله پاڪ مون کي ان ڪري موڪليو آهي ته مان مدرسي ۾ اوهان سان گڏ رهان.

اهڙي طرح پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، ته هڪ ڏينهن منهنجي ويجهو کان هڪ شخص لنگهيو، جنهن کي مان بلڪل نه سڃاڻيندو هئس، ان جڏهن ملائڪن کي اهو چوندي ٻڌو ته ڪشاده ٿي وڃو ته جيئن الله پاڪ جو ولي ويهي رهي، ته ان هڪ ملائڪ کان پڇيو ته هي ڇوڪرو ڪير آهي؟ ته ملائڪن جواب ڏنو ته هي سيد گهراڻي جو ڇوڪرو آهي، پوءِ ان چيو هي جلد ئي وڏي شان وارو ٿيندو. (بهجة الاسرار،ص۴۸)

غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي صاحبزادي شيخ عبدُ الرَّزاق رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو بيان آهي ته هڪ ڀيري حُضُور غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان پڇيو ويو ته اوهان کي پنهنجي وَلي هئڻ جو عِلم ڪڏهن ٿيو؟ ته پاڻ فرمايائون ته جڏهن مان ڏهه سالن (10 Years) جو هئس ۽ پنهنجي شهر جي مدرسي ۾ ويندو هئس ۽ ملائڪن کي پنهنجي پنيان ۽ آس پاس هلندي ڏسندو هئس، جڏهن مدرسي ۾ پهچي ويندو هئس ته اهي بار بار اهو چوندا هئا ته الله پاڪ جي وَلي کي ويهڻ جي لاءِ جڳهه ڏيو. انهيءِ واقعي کي بار بار ڏسي منهنجي دل ۾ هي اِحساس پيدا ٿيو ته الله پاڪ مون کي وِلايت جي درجي تي فائز ڪيو آهي. (بهجة الاسرار، ص۴۸)

فرشتے مدرسے تک ساتھ پہنچانے کو جاتے تھے
یہ دربارِ الٰہی میں ہے رُتبہ غوثِ اعظم کا
لحد میں جب فرشتے مجھ سے پوچھیں گے
تو کہہ دوں گا طریقہ قادری ہوں نام لیوا غوثِ اعظم کا
جمیلِ قادری سو جان سے ہو قربان مرشد پر
بنایا جس نے تجھ جیسے کو بندہ غوثِ اعظم کا

| | | | |
|---|---|---|---|
| اللہ کی رحمت | غوثِ پاک | ہیں باعثِ برکت | غوثِ پاک |
| ہیں صاحبِ عزّت | غوثِ پاک | ہیں بحرِ سخاوت، | غوثِ پاک |
| دریائے کرامت، | غوثِ پاک | فرماؤ حمایت | غوثِ پاک |
| ٹل جائے مصیبت، | غوثِ پاک | سرتاپا شرافت | غوثِ پاک |

♣مرحبا یا غوثِ پاک♣مرحبا یا غوثِ پاک♣مرحبا یا غوثِ پاک

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غوثِ پاڪ تي الله پاڪ جو فضل ٿيو جو پاڻ پنهنجي ولايت کي سجاڳي ورتائون پر هي ياد رهي ته ولي تي هي ظاهر ٿي وڃي ته اهو ولي آهي، اهو ولايت جي لاءِ ضروري ناهي، البت ولي عالم ضرور هوندو آهي ۽ شريعت جو پابند هوندو آهي، ڪو بي نمازي، شراب ۽ جُوا جو عادي ، شريعت جو باغي ڪڏهن به ولي نٿو ٿي سگهي ۽ هن جَدِيد دور ۾ خاص ڪري نوجوان نَسل اهڙن ماڻهن جي ڳولا ۾ گهمندو وتندو آهي جن کي اهي دُنيا ۾ ڪاميابي جي لاءِ پنهنجو آئيڊيل بڻائي سگهي. پر صَد اَفسوس! اسلامي تَعليمات کان دُوري جي بِنا تي اهي هي ڳالهه ڀلجي چُڪا آهن ته دُنياوي زِندگي فاني آهي. تنهنڪري اُخرَوي زِندگي ۾ نَجات ماڻڻ ۽ بارگاهِ خُداوَندي ۾ ڪامياب ٿيڻ جي لاءِ بيحد ضَروري آهي ته اسان هن دنيا ۾ اهڙا ماڻهو تلاش

ڪريون جيڪي سِيرت ۽ ڪردار جا اعليٰ نُمونا هجن ۽ اسان اُنهن کي آئيڊيل بڻائڻ تي فَخر مَحسُوس ڪريون. ڇوته ڪو اِنسان ان وَقت تائين پنهنجي سِيرت کي صَحِيح اِسلامي راهه تي نٿو هلائي سگهي جيستائين ان جي اڳيان سِيرت ۽ ڪردار جا اعليٰ نُمونا مَوجُود نه هجن.

هن ۾ ڪو شڪ ناهي ته انبياءِ ڪرامعَلَيهِمُ السَّلَام کان وڌيڪ بيو ڪو اِنسان آئيڊيل نٿو بڻجي سگهي ڇوته اُنهن جو اَصل ڪم ئي تَعمِيرِ سِيرت، تعميرِ معاشرو ۽ تعمير انسانيت آهي.

فرمانِ الٰهي هر مُؤمِن ۽ مُتَّقِي جي لاءِ نه صِرف مَشعَلِ راهه بلڪ مَقصَدِ حَيات آهي جيئن ته سيپارو 21 سُورة الاحزاب جي آيت نمبر 21 ۾ اِرشادِ باري تعاليٰ آهي:

لَقَدۡ كَانَ لَكُمۡ فِیۡ رَسُوۡلِ اللّٰهِ اُسۡوَةٌ حَسَنَةٌ

**ترجمو:** بيشڪ توهان جي لاءِ رسول الله جي پيروي بهتر آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** نبي ڪريم، رسولِ عظيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صحبت بين جي تربيت جو ذريعو ٿيندي هئي، جيڪو به الله پاڪ جي رحمت سان سندن صحبت جو شرف ماڻيندو هو ته اهو صحبتِ مصطفيٰ جي برڪت سان چمڪندڙ چنڊ بڻجي ويندو هو. رسولِ خدا، تاجدارِ انبيا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پوءِ بين جي تربيت ڪرڻ جو ڪم پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جي تربيت يافته صحابين سڳورن عَلَيهِمُ الرِّضْوَان سنڀالي ورتو. صحابهَ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کان بعد هر دور ۾ اهڙا عالم ۽ بزرگ ايندا رهيا جن پنهنجي ڪردار ۽ افڪار سان نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي هن عظيم ڪم کي اڳتي وڌايو. سلطنتون بڻجنديون رهيون ۽ مٽجندون رهيون، حڪومتون وجود ۾ اينديون رهيون ۽ ختم ٿينديون رهيون، شهر بڻجندا رهيا ۽ اُجڙندا به رهيا، پر الله پاڪ جي انهن نيڪ ٻانهن نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي هن اهم ڪم کي ڪڏهن به نه ڇڏيائون. انهن ماڻهن جڏهن

احڪامِ الٰهي ڪي پاڻ تي نافذ ڪيو تہ اللّٰه پاڪ انهن جي حڪومت ۽ سلطنت ماڻهن جي دلين تي قائم فرمائي ڇڏي ۽ انهن ڪي پنهنجو دوست قرار ڏيندي. وَ لَا خَوۡفٌ عَلَيۡهِمۡ وَ لَا هُمۡ يَحۡزَنُوۡنَ ﴿۶۲﴾ ترجمو ڪنز الايمان: نہ انهن ڪي ڪو ڊپ نہ اهي غمگين ٿيندا (پ 1، سورة البقره 62) جي خوشخبري بہ عطا فرمائي. انهن منجهان هڪ شخصيت حضرت سَيدُنا غَوثِ اَعظَم جِيلاني، قُطبِ رَبّاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي آهي، جن لالَچ ۽ خَوف کان بي نِياز ٿي فقط رِضَاءِ اِلٰهي جي لاءِ پنهنجي زِندگي جي هر گهڙي ماڻهن جي اِصلاح جي لاءِ وَقف ڪيائون ۽ انهن جي آخرت ڪي سنوارڻ جي لاءِ سڄي زندگي مصروفِ عمل رهيا. اللّٰه پاڪ غوثِ اعظم ڪي وڏي شانن سان نوازيو. **غوثِ پاڪ جو شان ڏسو** تہ پاڻ پيدائشي طور تي اللّٰه ڪريم جا ولي هئا. (تفريح الخاطر،ص۵۸،مفهوماً) **غوثِ پاڪ جو شان ڏسو** تہ پاڻ پيدا ٿيندي ئي روزو رکيائون، سحري مهل کير پيئندا هئا ۽ پوءِ غروبِ آفتاب مهل روزو افطار ڪندا هئا. **غوثِ پاڪ جو شان ڏسو** تہ پنج (5) سالن جي عمر ۾ بِسۡمِ اللّٰه پڙهڻ جي رسم ادا ڪئي وئي تہ سندن تَعَوُّذۡ (اَعُوۡذُبِاللّٰه مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡم) ۽ تَسۡمِيه(بِسۡمِ اللّٰه الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم) کان پوءِ 18 سيپارا زباني ٻڌائي ڇڏيا ۽ فرمايائون: منهنجي امڙ (رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡهَا) کي بہ ايترو ئي ياد هو، اهي پڙهنديون هيون تہ مون ٻڌي ياد ڪري ورتو. ( رساله منّے ڪي لاش،ص۴) **غوثِ پاڪ جو شان ڏسو** تہ پاڻ 40 سال(Forty years) تائين عشاء جي وضو سان فجر جي نماز ادا فرمائي، سندن معمول هو تہ جڏهن بي وضو ٿيندا هئا تہ انهيءَ وقت وضو ڪري 2 رڪعت نماز نفل پڙهندا هئا. (بهجة الاسرار،ذڪرطريقه، ص۱۶۴) **غوثِ پاڪ جو شان ڏسو** تہ پاڻ تمام گهڻي عبادت و رِياضت ۽ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ وارا هئا، پندرهن (15) سالن تائين سڄي رات ۾ هڪ قرآنِ پاڪ ختم ڪندا رهيا. (بهجة الاسرار، ذڪر فصول من ڪلامه... الخ،ص۱۱۸ملخصاً) ۽ روزانو هڪ هزار (1000) رَڪعَت نفل ادا ڪندا هئا. (غوث پاڪ ڪے حالات، ص۳۲) **غوثِ پاڪ جو شان ڏسو** تہ پاڻ تيرهن (13) عُلوم ۾ بيان ڪندا هئا، سندن جي مدرسي ۾ ماڻهو سندن وٽ تفسير، حديث

۽ فِقہ وغيره پڙهندا هئا، منجهند کان پهريان ۽ بعد بئي وقت ماڻهن کي تفسير، حديث، فِقہ، ڪلام، اُصول ۽ نَحو پڙهائيندا هئا ۽ ظهر کان پوءِ تجويد و قراۡت سان گڏ قرآنِ ڪريم پڙهائيندا هئا. (بهجة الاسرار، ص۲۲۵ ملخصاً) **غوثِ پاڪ جو شان ڏسو تہ** سندن دستِ ڪرامت تي پنج سو (500) کان وڌيڪ غير مسلمن اسلام قبول ڪيو ۽ هڪ لک کان وڌيڪ ڌاڙيلن، چورن، فاسقن ۽ فاجرن فسادين ۽ وڏن وڏن گناه ڪرڻ وارن توبہ ڪئي- (بهجةالاسرار، ذکروعظه،ص۱۸۴)

اڄ ضرورت هن ڳالھ جي آهي تہ اسان سندن نَقشِ قَدَم تي هلون ۽ سندن سِيرت مان حاصِل ٿيندڙ مَدَني گلن تي عَمَل ڪندي پنهنجي دُنيا ۽ آخِرت کي بهتر بڻايون. الله پاڪ اسان کي بہ حُضُورِ غُوثِ اَعْظَم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي نَقشِ قَدَم تي هلڻ جي تَوفِيق عَطا فرمائي.

جيڪو خوش نصيب عاشقانِ غوث و رضا سنت جي خدمت جي لاءِ وقفِ مدينہ ٿين، نيڪي جي دعوت ڏين، هر مهيني مدني قافلن ۾ سفر ڪن، مدني انعامات اپنائن، اُنهن جي لاءِ عاشقِ غوث و رضا اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه بارگاهِ غوثيت ۾ التجاء ڪن ٿا:

سجائیں عمامہ بڑھائیں جو داڑھی ... انہیں حشر میں بخشوا غوثِ اعظم
جو ہیں وَقف، سنّت کی خدمت کی خاطر ... انہیں حشر میں بخشوا غوثِ اعظم
جو روزانہ دیتے ہیں نیکی کی دعوت ... انہیں حشر میں بخشوا غوثِ اعظم
سفر قافلے میں جو کرتے ہیں ہر ماہ ... انہیں حشر میں بخشوا غوثِ اعظم
جو دیں راہِ مولا میں بارہ مہینے ... انہیں حشر میں بخشوا غوثِ اعظم
جو اپناتے ہیں "مدنی انعام" اکثر ... انہیں حشر میں بخشوا غوثِ اعظم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## علم جا سمنڊ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سرڪارِ غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اللہ پاڪ جا تمام وڏا ولي هئڻ سان گڏوگڏ پنهنجي وقت جا تمام وڏا امام، مفتي اسلام ۽ علمِ دِين جا اهڙا تہ سمنڊ هئا جنهن جو ڪنارو ناهي. سندن جو علمي مقام ايتري قدر بلند هو جو وڏا وڏا عالم سندن علم جي سمنڊ مان پنهنجي اُڃ پوري ڪندي نظر ايندا آهن.

علامہ ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي باري ۾ اچي ٿو تہ پاڻ عِلمِ قرآن، عِلمِ حديث، عِلمِ فِقہ، جُغرافِيہ، عِلمِ طِب، تاريخ، تفسير، عِلمِ نُجُوم، حساب، لُغَت ۽ نحو وغيره جي علاوه ٻين ڪوڙ عُلوم ۽ فُنُون ۾ بہ ساراهہ لائق ڪتاب لکيا، سندس جي تصنيفن جو تعداد ٽي سو (300) کان وڌيڪ ٻڌايو وڃي ٿو، جنهن ۾ ڪافي ڪتاب تہ ڪيئي جلدن تي مشتمل آهن ۽ ڪجھ رسالا بہ شامل آهن.

(مُقدمہ عيونُ الحکايات،حصہ ١،ص١٦ملتقطا و ملخصاً)

امام ابنِ قُدامہ حنبلي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: امام ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي زماني ۾ وعظ ۽ خطابت جا اِمام هئا، مختلف عُلوم وفُنُون ۾ بهترين ڪتاب تصنيف ڪيا، تدريس بہ ڪندا هئا ۽ پاڻ حافظُ الحديث بہ هئا. (هڪ لک (100،000) حديث سڳوريون سَنَد سان ياد ڪرڻ واري شخص کي حافظُ الحديث چيو ويندو آهي. ) (مُقدمہ آنسوؤں کا دریا،ص١٥)

اڄو! وقت جي ان جليل القدر امام علامہ ابن جوزي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو هڪ واقعو ٻڌون ٿا:

## عِلم جو سمنڊ

حضرت سَيدُنا حافظ ابُو العَبَّاس احمد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مان علّامہ ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سان گڏ هڪ دفعي حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي اجتماعِ غوثيہ ۾ حاضر ٿيس، هڪ قاري قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪئي، تلاوت کان پوءِ حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه وعظ جي شروعات ڪئي ۽ تلاوت

ڪيل آياتِ مُبارَڪ مان هڪ آيت جي تفسير بيان ڪندي آيت جي هڪ معني بيان فرمائي، مون عَلامہ ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان پڇيا ڪئي، ڇا اوهان کي هن تفسير جو علم هو؟ انهن جواب ڏنو، ها! مون کي اهو تفسيري قول معلوم هو، ان کان پوءِ حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ هڪ ڪري يارهن (11) تفسيري قول بيان ڪيا، منهنجي پڇڻ تي هر ڀيري علامہ ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائيندا رهيا تہ اهي تفسيري قول بہ مون کي معلوم هئا، حافظ ابو العباس رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان هڪ آيتِ مُبارَڪ جا چاليهہ (40) تفسيري قول بيان ڪيا ۽ هر هر قول جي قائل جو نالو بہ ٻڌايو، پر يارهن (11) تفسيرن کان بعد هر تفسير جي باري ۾ منهنجي پڇڻ تي علامہ ابنِ جوزي نہ ۾ مٿو لوڏيندي چوندا رهيا تہ اهو تفسير منهنجي عِلم ۾ ناهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن واقعي مان حُضُور غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي علمي مقام ۽ مرتبي جي بلندي جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ غوث اعظم هڪ ئي وقت ۾ هڪ آيتِ مُبارَڪ بابت چاليهہ (40) تفسير بيان ڪيا، جنهن مان اوڻٽيهہ (29) تفسير علاّمہ ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي علم ۾ بہ نہ هئا، جڏهن تہ علامہ ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وقت جا تمام وڏا عالِم ۽ امام هئا. هن مان حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي علمي سمنڊ جي بي پناه گهرائي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

مَظہرِ عظمتِ غفّار ہیں غوثِ اعظم　　مُظہرِ رِفعَتِ جبّار ہیں غوثِ اعظم
نائبِ احمدِ مختار ہیں غوثِ اعظم　　اور سب ولیوں کے سردار ہیں غوثِ اعظم

(وسائلِ بخشش مرمّم، ص ۵۵۹)

---

1... اخبارالاخيار ،ص١١، بهجة الاسرار، ذكر علمه ...الخ، ص ٢٢٤، ذبدة الاثار، ص ٥٢

مختصر وضاحت: يعني حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه الله پاڪ جي عطا سان ان جي عظمت ۽ رفعت جا مظهر آهن، ٻنهي جهانن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا نائب آهن ۽ تمام اوليا جا سردار آهن.

الله کی رحمت غوثِ پاک ہیں باعثِ برکت غوثِ پاک
ہیں صاحبِ عزّت غوثِ پاک ہیں بحرِ سخاوت، غوثِ پاک
دریائے کرامت، غوثِ پاک فرماؤ حمایت غوثِ پاک
ٹل جائے مصیبت، غوثِ پاک سرتاپا شرافت غوثِ پاک
♣مرحبا یا غوثِ پاک♣مرحبا یا غوثِ پاک♣مرحبا یا غوثِ پاک

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## غوثِ اعظم جو مقام ۽ مرتبو

شَيخ امام اَبُو عَبدُالله بن اَحمد بن قُدَامَہ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: شَيخُ الاسلَام، سُلطَانُ الاوليِاء، مُحي الدّين، سَيد عَبدُالقَادِر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه عِلم حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻيون ڪوششون ڪيون. پاڻ ڪيترن ئي وقت جي عالمن ۽ زماني جي مَشائخن وٽان عِلم پرايو. وقت جي مَشَائخن ۽ اَولِيائن جي صحبتن ۾ رهيا. جنهن جو نتيجو هي نڪتو ته پاڻ پنهنجي زماني جي عالمن ۽ مشائخن ۾ سڀ کان وڏي مرتبي تي فائز ٿيا. تَحصِيلِ عِلم جي لاءِ پاڻ گهڻيون تڪليفون ۽ مَصيبتون برداشت ڪيون. آخرِڪار غوث اعظم دُنياوي مُعَاملن کان لاتَعَلُّق ٿي يادِ الٰهي ۽ وَعظ و نصيحت ۾ مشغول ٿي ويا. سڄي زماني ۾ سندن جي واڪاڻ ٿيڻ لڳي، دِين جا مَنصب پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي وجهه سان ظاهر ٿيا، عِلم جا مَرتبا اوهان جي سبب بُلَند ٿيڻ لڳا ۽ شريعت جا لشڪرسندن جي ڪري مظبوط ٿيڻ لڳا. عالمن جي وڏي تعداد سندن رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه ڏانهن رُجُوع ڪيو ۽ پاڻ کان شاگردي جو شَرَف حاصل ڪيو، گهڻن فُقَرَا، وڏن وڏن عالمن

۾ بلند رتبي وارن پيرن بہ سندن کان خرقہءِخلافت حاصل ڪرڻ جو اعزاز حاصل ڪيو.[1]

حضرت سَيِدُناشيخ محمد بن يحييٰ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ جڏهن پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه عِلمِ دِين کان فراغت حاصل ڪري ورتي تہ درس و تدريس جي مَسنَد ۾ اِفتاء جي منصب تي جلوه افروز ٿيا ۾ ان سان گڏوگڏ ماڻهن کي وعظ ۾ نصيحت ۾ علم و عمل جي اشاعت ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويا، جيئن سڄي دُنيا مان عُلماء و صُلحاء سندن بارگاهہ ۾ علم سکڻ جي لاءِ حاضر ٿيندا هئا، ان وقت بغداد ۾ غوث اعظم جي مرتبي جو ڪوبہ نہ هو. (قلائد الجواہر ص ۵ملخصاً) پاڻ علم جا سمندبہ هئا، سندن کي عِلمِ فقہ، عِلمِ حديث، عِلمِ تفسير، عِلمِ نَحو ۾ عِلمِ ادب وغيره عُلوم تي دسترس حاصل هئي، جڏهن غوث اعظم کي سندن استادن عِلمِ حديث جي سَنَد ڏني تہ فرمائڻ لڳا، اي عبدُالقادر الفاظِ حديث جي سَنَد تہ اسان اوهان کي ڏئي رهيا آهيون پر حقيقت هي آهي تہ حديث جي معني ۾ مفهوم جو سمجهڻ تہ اسان اوهان ئي کان سکيو آهي.

(حيات المعظم فی مناقب غوث اعظم ص ۳۶ بتغير قليل)

مِنا مِنا اسلامي ڀائرو! حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي عِلمِ دِين ڦهلائڻ جو ايتري قدر ذوق ۾ شوق هو جو پاڻ پنهنجو وقت بالڪل ضائع نہ ڪندا هئا ۾ علمي ڪمن ئي ۾ اڪثر مصروف رهندا هئا، ٻين شهرن جا شاگرد بہ اوهان جي ساراهہ ۾ عُلوم ۾ فُنون ۾ مهارت جي شهرت ٻڌي سندن وٽ عِلمِ دين حاصل ڪرڻ ۾ سندن جي فيض مان برڪتون ماڻڻ جي لاءِ حاضر ٿيندا رهيا، پاڻ علم ۾ عمل جا اهڙا پيڪر هئا تہ جيڪو بہ اوهان وٽ علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ حاضر ٿيندو هو، هو خالي هٿ نہ موٽندو هو، اچو! سندن جي علم ۾ عمل ۾ درس وتدريس جون خوبيون ۾ علمي خدمتن جي باري ۾ ٻڌون ٿا،

## مَسنَدِ تَدرِيس

حضرت سَيِدُنا قاضي ابو سعيد مُبارَڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو بغداد ۾ هڪ

[1]... نزہۃ الخاطرالفاتر ، ص۲۰،۱۹ملخصاً

مدرسو هو، هو ان ۾ وعظ و نصيحت ۽ علم حاصل ڪرڻ وارن ڪي علم سيکاريندو هو، جڏهن قاضي صاحب ڪي غوث اعظم جي علمي ۽ عملي ڪمالن ۽ فهم و فراست جي خبر پئي ته قاضي صاحب پنهنجو مدرسو غوث اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي حوالي ڪري ڇڏيو، پوءِ جڏهن ماڻهن سندن جي فضل وڪمال ۽ علمي مهارت جي شهرت ٻڌي ته ماڻهن جو وڏو تعداد غوث اعظم جي بارگاهه ۾ عِلمِ دِين حاصل ڪرڻ جي لاءِ حاضر ٿيڻ لڳو. [1]

## تيرهن (13) عُلوم تي دسترس

صاحبِ بَهجَةُ الاَسرار حضرت علامه نورُ الدِّين ابُوالحسن علي شَطنُوفي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا ته حضرت سَيدُنا شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه تيرهن (13) علوم ۾ بيان ڪندا هئا، سندن مدرسي ۾ ماڻهو سندن کان تفسير، حديث، فِقه ۽ عِلمُ الڪلام وغيره پڙهندا هئا، منجهند کان پهريان ۽ بعد ٻئي وقت ماڻهن کي تفسير، حديث، فِقه، ڪلام، اُصول ۽ نَحو پڙهائيندا هئا ۽ ظهر کان پوءِ تجويد ۽ قرات سان قرآنِ ڪريم پڙهائيندا هئا. (بهجة الاسرار، ص٢٢٥ ملخصاً)

## شاگردن سان محبت

منا منا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو ته حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه علم ۽ عمل جا پيڪر ۽ زبردست حُسنِ اَخلاق جا مالڪ هئا، پاڻ شاگردن تي نهايت شفقت ڪندا هئا، انهن جي ننڍين ننڍين ضرورتن جو به خيال رکندا هئا جيئن ته

## علم جي راهه ۾ شاگرد جي مدد

امام اِبنِ قُدَامَه حنبلي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي بارگاهه ۾ حضرت سَيدُنا غَوثُ الاعظم، شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي باري ۾ سُوال ڪيو ويو ته پاڻ

---

1… سيرت غوث اعظم ص ٥٨ ملخصاً

جواب ڏنائون تہ اسان غوث اعظم جي عمر جو آخري حصو ڏنو ۽ سندن جي مدرسي ۾ مقيم رهياسين، اسان جو اهڙي طرح خيال رکيو ويندو هو جو ڪڏهن غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي شهزادي حضرت سَيِدُنا يحييٰ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي اسان ڏانهن موڪليندا هئا. اهي اسان جي لاءِ چراغ روشن ڪندا هئا ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اسان جي لاءِ پنهنجي گهران کاڌو موڪليندا هئا.

(سير اعلام النبلاء،الشيخ عبد القادربن ابي صالح ،۱۸۳/۱۵)

ترے دَر سے ہے منگتوں کا گزارا یا شہِ بغداد
یہ سُن کر میں نے بھی دامن پَسارا یا شہِ بغداد
شَہا! خَیرات لینے کو سلاطینِ زمانہ نے
ترے دربار میں دامن پَسارا یا شہِ بغداد

(وسائلِ بخشش مُرمّم ، ص۵۴۴)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شاگرد سڀني جي خدمت ڪريو!

مَنا مَنا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه علمِ دين سکڻ واري شاگردن تي ڪيتري شفقت ڪندا هئا جو انهن جي لاءِ پنهنجي گهران کاڌو موڪليندا هئا. تنهنڪري اسان کي بہ کپي تہ دِيني شاگردن جي ضرورتن جو پنهنجي پنهنجي استطاعت مطابق خُوب خُوب خيال رکندا ڪيون، مثال طور جنهن کان ٿئي خاص ڪري غريب طالب سڀني جي لاءِ دِيني ڪتاب، ڪپڙا، موسِم جي لحاظ کان رهائش جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ ۾ رِضاء اِلٰهي ۽ ٻين سنين سنين نيتن سان پنهنجو حصو ملائي دِين جي مدد ڪرڻ وارن جي صف ۾ اسان بہ شامل ٿي وڃون، ڪهڙي خبر تہ هن نيڪ عمل جي برڪت سان اسان جو پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ اسان کان هميشہ جي لاءِ راضي ٿي وڃي، ڪهڙي خبر تہ هن نيڪ عمل جي برڪت سان اسان کي هميشہ واري بخشش جو پروانو ملي وڃي، ڏسو! جهڙي طرح اسان پنهنجن ٻارن کي سٺي کان سٺو کاڌو کارائڻ پسند ڪيون ٿا، سٺي کان سٺو لباس پائيندي ڏسڻ پسند ڪندا آهيون، ٿورو سوچيو! سردي جي موسم ۾ اسان

پنهنجن ٻارن جو ڪيترو خيال رکندا آهيون تہ ڪٿي منهنجي پياري کي سردي نہ لڳي وڃي، منهنجي پٽ جي طبيعت تہ اهڙي آهي جو نہ ئي ٿوري ٿڌي هوا برداشت ڪري سگهي ٿو، نہ ئي گرم هوا جو هلڪو جهونڪو، اهڙي طرح علمِ دِين حاصل ڪرڻ وارن طالبن جي لاءِ بہ غور ڪيو تہ انهن کي بہ ڪيئي بنيادي زندگي جو ضرورتون درپيش هونديون. جيڪي هر هنڌ آساني سان دَستياب نہ هونديون. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي تحت سڄي دنيا ۾ 606 کان وڌيڪ جامعات آهن. جتي پنجاهہ هزار کان وڌيڪ شاگرد ۽ شاگردياڻيون علمِ دين حاصل ڪرڻ جي سعادت ماڻي رهيا آهن. اوهان پنهنجي مدني عطيات و صدقات سان دعوتِ اسلامي سان تعاون ڪريو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اهو تعاون اوهان جي قبر کي روشن ڪرڻ سان گڏ محشر ۾ بہ ڪم ايندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## فتوي نويسي جا بادشاه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ائين تہ حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه درس ۽ تدريس، تصنيف وتاليف، وعظ و نصيحت ۽ ان جي علاوه مختلف علمي شعبن ۾ گهڻي مهارت رکندا هئا، پر خاص طور تي فتويٰ نويسي ۾ تہ غوث اعظم کي اهو ڪمال حاصل هو جو ان دور جا وڏا وڏا عالم، فقيہ ۽ مفتي سڀ‌ئي رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام بہ سندن جي لاجواب فتون سان حيران ٿي ويندا هئا.

شيخ امام مُوَفَّقُ الدّين بن قُدامَہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ اسان 561 هجري ۾ بغداد شريف وياسين تہِ اسان ڏٺو تہ شيخ سَيد عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه انهن مان آهن جن کي هتي علم وعمل ۽ فتويٰ نويسي جي بادشاهت ڏني وئي آهي. (بهجة الاسرار، ص۲۲۵) سندن عِلمي مهارت جو هي عالم هو جو جيڪڏهن سندن کان اِنتهائي مشڪل مسئلا بہ پڇيا ويندا هئا تہ پاڻ انهن مسئلن جا نهايت آسان ۽ بهترين جواب ڏيندا هئا، پاڻ درس و تدريس ۽ فتويٰ نويسي ۾ تقريباً (33) سال دينِ متين جي خدمت سرانجام ڏني، ان دوران جڏهن اوهان جون فتوائون عراق جي عالمن وٽ آنديون ويون تہ اهي غوث اعظم جي جواب تي

حيرت ۾ پئجي ويندا هئا.

امام ابُويَعليٰ نجمُ الدّين رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه فرمائن ٿا تہ حضرت شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه عراق ۾ فتويٰ جي لحاظ کان نهايت مشهور هئا ۽ ماڻهو فتوائن جي لاءِ سندن کان رابطو ڪندا هئا. (بهجة الاسرار ص ٢٢٥ملتقطا و ملخصاً) اچو! انهيءَ مُناسبت سان سندن علمي مهارت جو هڪ واقعو ٻڌون ٿا، جيئن

## مشڪل مسئلي جو آسان جواب

حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جا صاحبزادا حضرت سَيدُنا عبدُ الرزّاق جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه فرمائن ٿا تہ هڪ ڀيري پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي بارگاه ۾ سوال موڪليو ويو تہ هڪ شخص ٽن (3) طلاقن جو قَسَم اهڙي طرح کنيو تہ هو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي اهڙي عبادت ڪندو، جيڪو ان وقت سڄي زمين تي ڪو ٻيو شخص نہ ڪري رهيو هوندو، جيڪڏهن اهو ائين نہ ڪري سگهيو تہ ان جي گهر واريءَ کي 3 طلاقون، جڏهن سندن جي بارگاه ۾ اهو مسئلو پيش ڪيو ويو ۽ پڇيو ويو تہ هو شخص ڇا ڪري ۽ ڪهڙي اهڙي عبادت ڪري جو ان جي زال طلاقن کان بچي وڃي ۽ قسم بہ نہ ٽُٽي؟ تہ پاڻ يڪدم ان جو جواب ڏيندي ارشاد فرمايائون: تہ هي شخص مڪي شريف وڃي ۽ طواف جي جڳهہ کي خالي ڪرائي اڪيلو طواف ڪري، ان جي قسم بہ پوري ٿيندي ۽ ان جي زال کي طلاق بہ نہ ٿيندي، سندن جي هن جواب سان عالم سڄورا حيران رهجي ويا. (1)

علومِ مصطفٰے و مرتضٰے کے تمہیں پر ہیں کھلے اَسرار یاغوث
(قبالۂ بخشش ،ص٦٥)

مختصر وضاحت: يعني رحمت عالم، نورِ مجسم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ مولاءِ ڪائنات حضرت سيدنا علي المرتضي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي علوم جا راز غوث پاڪ

---

1... بهجة الاسرار، ص٢٢٦ملخصاً

رَحمَۃُاللہِ تعَالٰی علَیہ تي واضح ٿيا.

| | | | |
|---|---|---|---|
| اللّٰہ کی رحمت | غوثِ پاک | ہیں باعثِ برکت | غوثِ پاک |
| ہیں صاحبِ عزّت | غوثِ پاک | ہیں بحرِ سخاوت، | غوثِ پاک |
| دریائے کرامت، | غوثِ پاک | فرماؤ حمایت | غوثِ پاک |
| ٹل جائے مصیبت، | غوثِ پاک | سرتاپاشرافت | غوثِ پاک |

♣مرحبایاغوثِ پاک♣مرحبایاغوثِ پاک♣مرحبایاغوثِ پاک

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ظاهري ۽ باطني وصفن جا جامع

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان حُضُور غوثِ اعظم رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہِ جي انتهائي ذهانت ۽ علمي مهارت جو پتو پوي ٿو، جنهن عالمن سڳورن رَحمَھُم اللہُ السَّلَام کي بہ حيران ڪري ڇڏيو، هتي مان هڪ شرعي مسئلي ڏانهن ڌيان ڏياران ٿو تہ بدقسمتي سان اسان جي مُعاشري ۾ طلاق ڏيڻ جي مُعاملي ۾ انتهائي غلط طريقو رائج ٿي چڪو آهي ۽ اهو هي تہ جيڪڏهن خدانخواستہ طلاق ڏيڻ جي نوبت ايندي آهي تہ گڏجي هڪ مهل ئي ٽي طلاقون ڏنيون وينديون آهن جڏهن تہ هي غلط طريقو آهي ،گڏجي ٽي طلاقون ڏيڻ ناجائز ۽ گُناهہ آهي. هن باري ۾ دارُ الافتاء اهلسنّت جي طرفان طلاق بابت جاري ٿيڻ واري هڪ اَهم پمفلٽ جو مطالعو تمام گهڻو فائديمند ثابت ٿيندو، هن پمفلٽ کي دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان بہ پڙهي سگهو ٿا.

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## انسان جو حقيقي دُشمن!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نَفس ۽ شيطان، اِنسان جا حقيقي دُشمن آهن. هن مان نَفس تہ شيطان کان بہ وڌيڪ خطرناڪ آهي، ڇوتہ ان ئي شيطان جي اِيمان کي

برباد ڪري ان کي اَبَدِي لَعنَتن جو حقدار ڪيو. حُجَّۃ الاِسلام حضرت سيدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ”نفس جون ٻي شُمار مَعنائون آهن: (انهن مان هڪ اها آهي) نفس ان کي چوندا آهن: جيڪو انسان ۾ شهوت ۽ ڪاوڙ کي اُڀاريندو آهي. صُوفي سڳورا هن لَفْظ کي اڪثر اِستعمال ڪندا آهن، چوته انهن جي ويجهو نَفس مان مُراد انسان ۾ مَذمُوم (بُري) صفتن کي جمع ڪرڻ واري قُوَّت آهي.“ (احياء العلوم ، ۵/۳ )

هن ۾ ڪو شڪ ناهي ته جنهن پنهنجي نفس جي پيروي ڪئي، نفس ان کي تباهي وبربادي جي کڏ ۾ ڪٽي اڇلائيندو آهي. نَفس جي هلاڪتن کان بچڻ جو طريقو بيان ڪندي سرڪارِ بغداد، حُضُورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: نَفس بُرائي جو ئي مشورو ڏيندو آهي، هيءَ ان جي فطرت آهي، هڪ مُدّت کان پوءِ هي اِصلاح پذير ٿيندو، توهان تي لازِم آهي ته هر وَقت نَفس سان مُجاهدو ڪندا رهو!(يعني ان جي مُخالَفت تي ڪمر بسته رهو) (الفتح الرباني،43 مجلس،۱۳۹، ملتقطاً) هڪ ٻي هنڌ تي اِرشاد فرمائن ٿا: پنهنجي نفس کي هميشه چوندا رهو ته تنهنجي نيڪ ڪمائي توکي فائدو ڏيندي ۽ تنهنجي بُري ڪمائي تنهنجي لاءِ وَبال ثابت ٿيندي، ڪو ٻيو توسان گڏ نه ئي عمل ڪندو ۽ نه ئي پنهنجي عملن مان ڪجهه ڏيندو. (اي انسان ياد رک!) نيڪ عمل ڪندو رهڻ ۽ نفس سان مُجاهدو ڪرڻ بيحد ضروري آهي، تنهنجو دوست اهو ئي آهي جيڪو بُرائي کان روڪي ۽ تنهنجو دُشْمن اهو ئي آهي جيڪو توکي گمراهه ڪري. (الفتح الرباني،۴۳ مجلس،ص۱۴۰) مزيدفرمائن ٿا: جيستائين نَفْس نَجاستن ۽ بُري خواهشن کان پاڪ نه ٿيندو ته ان کي الله پاڪ جي بارگاهه جو قُرب ڪيئن حاصِل ٿي سگهندو آهي؟ پنهنجي نَفس جي خواهشن ۽ اُميدن کي ختم ڪري ڇڏ، تڏهن ئي تنهنجو نَفس تنهنجو مُطِيع (فرمانبردار) ٿيندو. (الفتح الرباني ،۴۳ مجلس، ص۱۴۰)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقِعي نفس جي ڳالهه مڃڻ ۽ ان جي مقابلي کان غافل ٿيڻ سَراسر بي وقوفي آهي. ان ڪري اسان تي لازمي آهي ته نَفس جو مُقابَلو ڪريون ۽ ان تي قابو پائڻ جي ڪوشش ڪريون، ان جون خواهشون

گھڻ ڪريون يعني ان جون لَذتون ڇڏايون، ان ڪي وڌ کان وڌ عبادتن ڏانهن مائل ڪريون ۽ ان جي آفتن ۽ شَرارتن کان بچڻ جي لاءِ الله پاڪ جي بارگاھ ۾ دُعا بہ ڪندا رهون. يقيناً عَقلمندي جو تَقاضو بہ اهو ئي آهي تہ دُشمن کي دُشمن سمجهي ان جو مُقابلو ڪيو وڃي نہ اهو تہ ان کان لاپَروائي ڪئي وڃي. شهنشاھ خُوش خِصال، پيڪرِحُسن وجمال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ بيمثال آهي: ”عَقلمند اهو آهي جيڪو پنهنجي نَفس کي پنهنجو تابعدار بڻائي وٺي ۽ موت کان بعد جي لاءِ عمل ڪري ۽ عاجز (بيوَقُوف) اهو آهي، جيڪو پنهنجي خواهشن تي هلندو هجي ۽ الله پاڪ جي رحمت جي اُميد بہ ڪندو هجي.

(ترمذي،كتاب صفة القيامة،باب في اواني صفة الحوض،۲۰۷/۴،حديث:۲۴۶۷)

الله الله کے نبی سے فریاد ہے نَفْس کی بدی سے
اِیمان پہ موت بہتر او نَفْس! تیری ناپاک زِندگی سے
گہرے پیارے پُرانے دِل سوز گزرا میں تیری دوستی سے

(حدائقِ بخشش: ۱۴۵)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اَولِياءِ ڪرام جي صحبتن جا فائدا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نَفس تي قابُو نہ ملڻ جو هڪ سبب ان جي سڃاڻپ نہ ڪرڻ بہ آهي. نَفس پنهنجي ڄار ۾ ڪهڙي طرح ڦاسائيندو آهي، پنهنجون چالون ڪهڙي نموني آزمائيندو آهي، اها سڃاڻپ نہ هئڻ جي ڪري بہ ٻانهو نفس جو شڪار ٿي ويندو آهي. نفس جي چالن ۽ ان جي مڪر ۽ فريب کي سڃاڻڻ جي لاءِ الله پاڪ جي محبوب ۽ نيڪ ٻانهن جي صحبت اختيار ڪئي وڃي.

حُضُور سَيدُنا شيخ عبدُالقادِر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه انهيءِ ڳالھ ڏانهن نشاندهي ڪندي اِرشاد فرمائن ٿا: مَنْ اَكْثَرَ مِنْ مُّخَالَطَةِ الْعَارِفِيْنَ بِاللهِ عَزَّوَجَلَّ عَرَفَ نَفْسَه. يعني جيڪو شَخص الله پاڪ جي مَعرِفَت رکڻ وارن ٻانهن (اَولِياءُ الله) جي صحبت

۾ رهندو آهي، تہ اهو پنهنجي نفس کي سجاڻي وٺندو آهي. (الفتح الرباني، المجلس الرابع والخمسون، ص١٨٠) مزيد فرمائن ٿا: بيشڪ اَولِياءُالله جي وصفن مان اهو بہ آهي تہ جڏهن اهي ڪنهن شَخص ڏانهن نظر ڪن ۽ ان (جي دل) تي تَوَجُّه ڪن تہ ان جي ايمان، يقين ۽ ثابت قدمي ۾ ويتر اضافو ٿي ويندو آهي.

(الفتح الرباني،المجلس الثاني والستون ،ص ٢١٩ملخصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي صحبت ۾ رهڻ جي برڪت سان دل جي دُنيا بدلجي ويندي آهي. اڄڪلھ چڱي صحبت ماڻڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستگي بہ آهي. اسان کي بہ هن مدني ماحول ۾ رهندي گُناهن کان بچڻ ۽ نيڪين جو جذبو ماڻڻ جي لاءِ هفتيوار سُنَّتن ڀري اجتماع، اجتماعي طور تي ڏنو ويندڙ هفتيوار مدني مذاڪري ۽ ٻين مدني ڪمن ۾ شرڪت سان گڏوگڏ، هر مهيني 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ مدني انعامات تي عمل جي عادت بڻائڻ گهرجي، ڇوتہ نيڪ ماڻهن جي گهڙي ڪن جي صحبت، وڏن وڏن گناهگارن جي بگڙي بڻائيندي آهي. مَنقُول آهي تہ هڪ ڀيري سَيِدُناغوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه مَدِينَہ مُنَوَّرَه زَادَ هَااللّٰه شَرَفًاوَّ تَعْظِيْمًا کان حاضري ڏئي پيرين اگهاڙي بغداد شريف ڏانهن اچي رهيا هئا تہ واٽ ۾ هڪ چور بيهي ڪنهن مُسافر کي ڦرڻ جو انتظار ڪري رهيو هو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جڏهن ان جي ويجهو پهتا تہ پڇيائون: توهان ڪير آهيو؟ ان جواب ڏنائين: ڳوٺاڻو آهيان، پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪشف جي ذريعي ان جي مَعصيت (گناهہ) ۽ بدڪرداري کي جاڻي ورتائون، ان چور جي دل ۾ خيال آيو: ”شايد هي غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه آهن.“ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي ان جي دل ۾ پيدا ٿيڻ واري ان خيال جو بہ علم ٿي ويو، تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايائون: مان عبدُالقادِر آهيان. اهو ٻڌندي ئي اهو چور فوراً اوهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي مُبارڪ قدمن تي ڪري پيو ۽ ان جي زبان تي يا سَيِدِی عَبۡدَالۡقَادِرِشَيۡـًٔالِلّٰهِ (يعني اي منهنجا آقا عبدُالقادر! منهنجي حال تي رحم فرمايو) جاري ٿي ويو.

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ان جي حالت تي رحم اچي ويو ۽ ان جي اصلاح جي لاءِ بارگاهِ الٰهي ۾ مُتَوجِہ ٿيا تہ غيب مان ندا آئي:”اي غوثِ اعظم! هن چور کي سڌي واٽ ڏيکاريو ۽ هدايت ڏانهن رهنمائي ڪندي ان کي قطب بڻائي ڇڏيو.“ پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي نگاهہ فيض اثر سان اهو قُطبِيَت جي درجي تي فائز ٿي ويو. (سيرت غوث الثقلين،ص۱۳۰،از غوثِ پاک کے حالات: ۳۸)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ! سرڪارِ بغداد، حُضُورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي هڪ نگاهہ فيض سان ان چور جي نفس جي سختي ۽ دل جي آلُودگي سيئي ڌوپجي ويون ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان کي وَقت جو قُطُب بڻائي ڇڏيو، غور ڪريو تہ جڏهن الله پاڪ جي ولي جي نگاهہ سان چور ، قُطُب بڻجي سگهن ٿا تہ اسان جي گُناهن جو مير ۽ دلين جي زنگ کي ڌوئڻ انهن جي لاءِ ڪهڙي وڏي ڳالھ آهي؟ ان ڪري اسان کي اَولِياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام جي صحبت ۾ رهڻ گھرجي. **اَولِياءِ ڪرام جي صحبت** شيطان جي سازش مان نڪرڻ جو ذريعو آهي. **اَولِياءِ ڪرام جي صحبت** نيڪين ڏانهن مائل ٿيڻ جو نسخو آهي. **اَولِياءِ ڪرام جي صحبت** نفس تي غلبو ماڻڻ جو سبب آهي. **اَولِياءِ ڪرام جي صحبت** دلين جي جيارڻ جي جاءِ آهي. **اَولِياءِ ڪرام جي صحبت** گناهن جي مير ڌوپجڻ جو سبب آهي. **اَولِياءِ ڪرام جي صحبت** انسان جي باطن جي سنورجڻ جو ذريعو آهي. **اَولِياءِ ڪرام جي صحبت** نيڪين ڏانهن مائل ٿيڻ جي راهہ آهي. الغرض! **اَولِياءِ ڪرام جي صحبت** ڪيئي ڀلائين جو مجموعو آهي.

اَولِياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام جي قُربت ۽ انهن سان مَحَبَّت جا فائدا ٻڌائيندي حضرت احمد بن حرب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ نيڪ ماڻهن سان مَحَبَّت ڪرڻ انهن جي صحبت ۾ رهڻ ۽ انهن جي قول فعل ڏسي عمل ڪرڻ، انسان جي دل جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ نَفعي بخش آهي.
(تنبيه المغترين،الباب الاوّل،غيرتهم اذاا نتهكت حرماته،ص۴۱)

گناہوں کے امراض سے نیم جاں ہوں پئے مرشدی دے شفا یاالٰہی
بنادے مجھے نیک نیکوں کا صدقہ گناہوں سے ہر دم بچا یاالٰہی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ الله پاڪ جنھن جي مٿي تي ولايت جو تاج سجائيندو آهي تہ ان جي ذات کان اهڙين اهڙين شين جو ظهور ٿيڻ لڳندو آهي جو عقل حيران ۽ دنگ رهجي ويندا آهن مثال طور الله پاڪ جي عطا سان اَولِياءِ ڪرام مُردن کي زنده ڪري سگهن ٿا، اَولِياءِ ڪرام جي برڪت سان برساتون ٿينديون آهن، الله پاڪ جي عطا سان اَولِياءِ ڪرام مريضن کي چڱو ڀلو ڪندا آهن، اَولِياءِ ڪرام عطاءِ الٰهي سان غيب جي ڳالهين کي ڄاڻي وٺندا آهن، الله پاڪ جي عطا سان اَولِياءِ ڪرام دِلين جي زنگ کي دُور ڪندا آهن ۽ اَولِياءِ ڪرام الله پاڪ جي عطا سان مخلوقِ خدا جي مشڪل ڪشائي بہ فرمائيندا آهن.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن جو قدمِ پاڪ تمام اَولِياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم اَجْمَعِين جي ڪنڌن تي آهي، سندن کي بہ ربّ ڪريم اها طاقت ۽ قدرت عطا فرمائي هئي جو پاڻ پنهنجي نگاهہ ولايت سان پوشيده شين کي ملاحظ ڪندا هئا پنهنجي ڪرامت سان بيمارن کي تندرست ڪندا هئا ۽ سندن بارگاهہ ۾ حاضر ٿيڻ وارو ڪڏهن محروم نہ موٽندو هو. اچو! غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي هڪ ايمان افروز ڪرامت ملاحظ ڪريو.

## بدعقيده سڌي وات تي اچي ويو

حضرت سَيِدُنا شيخ ابوالحسن علي قريشي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ٻڌائن ٿا ڪجهہ بدعقيده ماڻهو بہ ٽوڪرا (Baskets) کڻي بارگاهہ غوثيت ۾ آيا ۽ سندن کان پڇيائون تہ هنن ٽوڪرن ۾ ڪهڙي شيءِ آهي؟ پاڻ پنهنجي تخت تان لهي هڪ ٽوڪري تي پنهنجو مبارڪ هٿ رکي فرمايائون: هن ۾ آفت زده ٻار آهي ۽

پنهنجي صاحبزادي سيدعبدالرزاق رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه کي کولڻ جي لاءِ فرمايائون، جڏهن اهو ٽوڪرو کوليو ويو تہ ان مان اهو ئي بيمار ٻار نڪتو. پاڻ ان کي پنهنجي مبارڪ هٿ سان ڪٽي فرمائون: ”قُمْ بِاِذْنِ اللّٰه“ (يعني الله پاڪ جي حڪم سان بيهي رهو) اهو بيمار ٻار الله پاڪ جي حڪم سان بيهي رهيو، پوءِ پاڻ ٻي ٽوڪري تي پنهنجو مبارڪ هٿ رکي فرمايائون: هن ۾ تندرست ٻار آهي، پاڻ پنهنجي صاحبزادي کي ٽوڪرو کولڻ جو حڪم ڏنائون، اهو ٽوڪرو بہ کوليو ويو ۽ ان مان هڪ ٻار نڪتو ۽ بيهي هلڻ لڳو، پاڻ انهن جي پيشاني تي هٿ رکي فرمايائون: ويهي رهو تہ اهو ويهي رهيو.سندن جي اها ڪرامت ڏسي اهي ماڻهو پنهنجي بُرن عقيدن کان توبہ تائب ٿي ويا.

شيخ ابوالحسن رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه فرمائن ٿا تہ هڪ ڏينهن مان سندن بارگاهہ ۾ حاضر هئس تہ مون کي ان وقت هڪ ضرورت پيش آئي، مان ان کي پوري ڪرڻ جي غرض سان اٿيس، پاڻ فرمايائون: توهان ڇا چاهيو ٿا؟ مون عرض ڪيو: منهنجو فُلاڻو ڪم ٿي وڃي! مان ان وقت باطني معاملن مان هڪ معاملي جي خواهش ڪئي هئي اهو انهيءَ وقت مون کي حاصل ٿي ويو.

(القلائد الجواهر، ص٣٠ملخصاً)

غوث پیروں کے پیر ہیں بیشک،اور روشن ضمیر ہیں بے شک
حالِ دل اُن پہ آشکارا ہے،واہ کیا بات غوثِ اعظم کی

اس کو من کی مراد ملتی ہے،اس کی بگڑی ضرور بنتی ہے
جس نے دامن یہاں پسارا ہے،واہ کیا بات غوثِ اعظم کی

جی اُٹھے مردِے حق کی قدرت سے، حکم والائے ربِّ رحمت سے
ربّ کو جب غوث نے پکارا ہے، واہ کیا بات غوثِ اعظم

خوب صورت ہیں گنبد اور مینار، اُن پہ رحمت برستی ہے عطارؔ
خوب دربار کا نظارہ ہے، واہ کیا بات غوثِ اعظم کی

(وسائلِ بخشش مرمم،ص٥٧٨-٥٧٩)

اللہ کی رحمت غوثِ پاک
ہیں باعثِ برکت غوثِ پاک

ہیں صاحبِ عزّت غوثِ پاک
ہیں بحرِ سخاوت، غوثِ پاک

دریائے کرامت، غوثِ پاک
فرماؤ حمایت غوثِ پاک

ٹل جائے مصیبت، غوثِ پاک سرتاپاشرافت غوثِ پاک

♣مرحبایاغوثِ پاک♣مرحبایاغوثِ پاک♣مرحبایاغوثِ پاک

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”چوڪ درس“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان ته اسان جا غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪيترا باڪمال بزرگ هئا جو سندن جي ڪرامت سان بدعقيده ماڻهن کي توبه جي توفيق ۽ بيمارن کي شفا نصيب ٿي ويندي هئي جڏهن ته غوث اعظم جي بارگاهه ۾ ايندڙ من جون مرادون ماڻيندو هو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو فيضان سڄي دنيا ۾ عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي. اسان به دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته رهون ۽ 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصّو وٺون. 12 مدني ڪمن مان روزانو جو هڪ مدني ڪم چوڪ درس به آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ چوڪ دَرس مُسَلمانن کي بُرائين کان بچائڻ جو ذريعو آهي ❖ چوڪ دَرس بي نمازين کي نمازي بڻائي ٿو. ❖ چوڪ دَرس مسجدن کان پري رهڻ وارن کي مسجدن جي ويجهو ڪري ٿو. ❖ چوڪ دَرس جي بَرَڪت سان نيڪين ۾ رَغبَت پيدا ٿئي ٿي. ❖ چوڪ دَرس جي بَرَڪت سان عَلائقي (Area) ۾ مَدَني ڪمن جي ڌُوم مچي ويندي آهي. ❖ چوڪ دَرس نمازن جي پابندي جو ذِهن بنائڻ سان گڏوگڏ عِلمِ دِين جون گهڻيون ڳالهيون پهچائڻ جو ذريعو آهي ۽ ماڻهن تائين عِلمِ دِين جون ڳالهيون پهچائڻ اَجر ۽ ثَواب جو ڪم آهي.

نبي اڪرم،نورِ مجسّم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايائون: جيڪو شخص منهنجي اُمَّت تائين ڪا اسلامي ڳالهه پهچائي، ته جيئن ان سان سُنَّت قائم ڪئي وڃي يا ان سان بد مذهبي دور ڪئي وڃي ته اهو جنّتي آهي. (حلية الاولياء،۱۰/۴۵، حديث: ۱۴۴۶۶)

اچو! ترغيب جي لاءِ چوڪ درس جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا

## چوڪ درس جي بَرَڪت سان سُڌري ويو

لائنز ايريا (بابُ المدينه ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي گهٽي (Street) ۾ بيهي دعوتِ اسلامي جو هڪ باعمامہ اسلامي ڀاءُ اڪيلو ئي چوڪ درس ڏئي رهيو هو، هڪ نوجوان توڙي جو دِين ڪان عملي طور تي ايتري قدر پري هو جو سبز عمامي وارن کي ڏسي پڇي ويندو هو پر خبر ناهي ڇو ان اسلامي ڀاءُ کي اڪيلو درس ڏيندو ڏسي ان تي ترس آيو، پوءِ هو چوڪ درس ۾ شريڪ ٿي ويو، چوڪ درس ۾ شريڪ ٿيڻ ئي ان جي اِصلاح جو سبب بڻجي ويو ۽ هو بہ مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي ويو، اهو بيان ڏيڻ وقت اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هو علاقائي سطح تي مَدَني اِنعامات جو ذِمّيدار آهي، هڪ اهو ڏينهن هو جڏهن هو سبز عمامي وارن کي ڏسي پڇي ويندو هو پر الله پاڪ جي فضل و ڪرم سان انهن کي پاڻ عمامو شريف سجائڻ جي سعادت بہ حاصل ٿي.

تمھیں لُطف آجائے گا زندگی کا قریب آکے دیکھو ذرا مَدَنی ماحول
نبی کی محبّت میں رونے کا انداز چلے آؤ سکھلائے گا مَدَنی ماحول
بُری صحبتوں سے کنارہ کشی کر کے اچّھوں کے پاس آکے پا مَدَنی ماحول
اگر سُنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ تم آجاؤ دیگا سِکھا مَدَنی ماحول
سنور جائے گی آخرت اِنْ شَآءَ الله تم اپنائے رکھوّ سدا مَدَنی ماحول

(وسائلِ بخشش مرمم، ص ۶۴۶)

## مَجلِس شُعبَہ تَعلِيم

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! نيڪ بڻجڻ ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ ۾ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ ڪم و بيش 105 شعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائي رهي آهي، ان مان هڪ "شعبه تعليم" بہ آهي، جنهن

جو بُنيادي مَقصَد گورنمنٽ ۽ پرائيويٽ اسڪولز، ڪالجز، يونيورسٽيز ۾ مُختلِف تعليمي اِدارن سان وابستہ ماڻهن کي دعوتِ اسلامي سان وابستہ ڪندي انهن کي سُنّتن جي مُطابِق زِندگي گُذارڻ جو مدني ذِهن ڏيڻ آهي، اها مجلس ڪالجز ۽ يونيورسٽيز جي استادن (Teachers) ۽ شاگردن (Students) سان سنين سنين نيتن سان تعلقات قائم ڪري انهن کي نبي ڪريم،روف و رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون سُنّتون اپنائڻ ڏانهن راغب ڪندي، تعليمي اِدارن ۾ مدني اِنعامات جو سِلسِلَو جاري ڪندي ۽ هاسٽل ۾ مدرسةُ المدينہ بالِغان قائم ڪري ان مُستَقبِل جي مِعمارن کي تعليمِ قرآن جي لازوال دولت سان مالامال ڪندي ۽ انهن جي دِيني و اَخلاقي تَربِيت جي هر مُمڪن ڪوشش ڪندي آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن شعبي سان وابستہ هزارين عاشقانِ رسول جي انفرادي ڪوشش جي برڪت سان هاڻي تائين ڪيئي مسلمان گناهن کان توبہ ڪري نمازي ۽ سُنّتن جا عادي بڻجي چڪا آهن. الله ڪريم ”مجلس شعبہ تعليم“ کي خوب خوب برڪتون عطا فرمائي.اٰمِين بِجَاہ النَّبِيِ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## غوثِ پاڪ جي مُريدن جي لاءِ بشارتون!

منا منا اسلامي ڀائرو! يقيناً غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تي الله پاڪ جي خاص رحمتن جي ڇانوَ آهي، اهي ماڻهو جيڪي سندن دامن ۾ اچي وڃن اهي بہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي صدقي انهن رحمتن جا حق دار بڻجي ويندا آهن. اچو انهيءِ باري ۾ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جا ٽي (3) فرمان ٻڌون ٿا:

(1) شهنشاه بغداد، حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: مون کي هڪ تمام وڏو رجسٽر ڏنو ويو، جنهن ۾ منهنجي ساٿين ۽ منهنجي قيامت تائين ٿيڻ وارن مُريدن جا نالا لکيل هئا ۽ چيو ويو تہ هي سيئي ماڻهو توهان جي حوالي ڪيا ويا آهن. فرمائن ٿا مون جهنّم جي داروغي کان پُڇيو ڇا جهنّم ۾ منهنجو

کو مُريد ﺑﻪ آهي؟ ان جواب ڏنو، ”نہ“ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه وڌيڪ فرمايو، مون کي پنهنجي پروردگار جي عزّت ۽ جلال جو قسم! منهنجي حمايت وارو هٿ منهنجي مُريد تي ائين آهي جيئن آسمان زمين تي ڇانوَ ڪندڙ آهي، جيڪڏهن منهنجو مُريد سٺو نہ بہ هجي تہ ڇا ٿيو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مان تہ سٺو آهيان. مون کي پنهنجي پالڻ واري جي عزّت ۽ جلال جو قسم! مان ان وقت تائين پنهنجي رب ڪريم جي بارگاهہ مان نہ هٽندس، جيستائين پنهنجي هڪ هڪ مُريد کي جنّت ۾ داخل نہ ڪرائي ڇڏيان. (بهجة الاسرار ص١٩٣)

(2) سرڪارِ بغداد حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: الله پاڪ مون سان واعدو فرمايو آهي تہ منهنجي مُريدن ۽ منهنجي دوستن کي جنّت ۾ داخل ڪندو. تہ جيڪو پنهنجو پاڻ کي منهنجو مُريد چوي ۽ منهنجو نالو وٺي، الله تعالى ان کي قبول ڪندو جيتوڻيڪ اهو بُري عمل تي هجي، اهو منهنجي مُريدن مان آهي. مون منڪر نڪير کان هن ڳالهہ جو عهد ورتو آهي تہ اهي قبر ۾ منهنجي مُريدن کي نہ ڊيڄاريندا. ( بهجة الاسرار ص١٩٣ملخصاً)

(3) حضرت شيخ ابوالحسن علي قرشي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ حضور غوثِ اعظم دستگير رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن فرمايائون: مون کي هڪ ڪاغذ ڏنو ويو جيڪو ايترو وڏو هو جيستائين نگاهہ پهچي، ان ۾ منهنجي ساٿين ۽ مُريدن جا نالا هئا، جيڪي قيامت تائين ٿيڻ وارا هئا ۽ مون کي چيو ويو تہ سيني کي تنهنجي صدقي بخشيو ويو آهي. (المرجع السابق،ص١٩٣)

خدا کے فضل سے ہم پر ہے سایہ غوثِ اعظم کا
ہمیں دونوں جہاں میں ہے سہارا غوثِ اعظم

بَلِیّات و غم و اَفکار کیوں کر گھیر سکتے ہیں
سَروں پر نام لیووں کے ہے پنجہ غوثِ اعظم کا

ہماری لاج کس کے ہاتھ ہے بغداد والے کے
مصیبت ٹال دینا کام کس کا غوثِ اعظم کا

جو اپنے کو کہے میرا،مرِیدوں میں وہ داخل ہے
یہ فرمایا ہوا ہے میرے آقا غوثِ اعظم کا

نِدا دیگا منادی حشر میں یُوں قادریوں کو
کدھر ہیں قادری کرلیں نظارہ غوثِ اعظم کا

فرِشتو روکتے ہو کیوں مجھے جنت میں جانے سے ۔۔۔ یہ دیکھو ہاتھ میں دامن ہے کس کا غوثِ اعظم کا
جمیلِ قادری سو جان سے ہو قربان مرشد پر ۔۔۔ بنایا جس نے تجھ جیسے کو بندہ غوثِ اعظم کا

(قبالہ بخشش،ص۵۲ تا ۵۶)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مُريد ٿيڻ جي ترغيب!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن پُرفِتن دور ۾ شَيخِ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت عَلّامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي ذات اسان جي لاءِ تمام وڏي نِعمَت آهي، جيڪو سندن جو مُريد ٿيندو آهي، پاڻ ان کي غَوثِ پاڪ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي دامنِ ڪرم سان وابستہ ڪندا آهن. جي ها! شَيخِ طريقت ،اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة سِلسَلہ قادِريہ رضويہ ۾ ئي مُريد ڪندا آهن، تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ شَيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي ذريعي غوثِ پاڪ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي مُريدن ۾ شامِل ٿي وڃون. الله پاڪ اسان سيني کي غَوثِ پاڪ بلڪ تمام اَولِياءِ ڪرام رَحمَةُ اللهِ عَلَيهِم اَجمَعِين سان سچّي مَحبَّت ۽ عَقِيدت رکڻ جي تَوْفِيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد